مرگھ ترشنا

عبدالجبار جونیجو

153N

مرگهه ترشنا

عبدالجبار جوڻيجو

سنڌي اڪيڊمي
474 صدر، حيدرآباد سنڌ.

سڀ حق ۽ واسطا اڪيڊمي وٽ محفوظ آهن

ٻيو ڇاپو مارچ 1976

قيمت ۵ رپيا

MIRGH TIRISHNA (Poems) in Sindhi by
Dr. Abdul Jabbar Junejo Published by Aslam Laghari
Secretary Sindhi Academy Ist Edition 1976.

ڇپائيندڙ: اسلم لغاري، سيڪريٽري سنڌي اڪيڊمي.
ڇپيندڙ: سيد مظفر حسين، پرفيڪٽ پرنٽرس 474 صدر،
حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امانت علي خان جي ناليٰ

سي قرب ڪچهريون ياد اٿم، فرياد اٿم فرياد اٿم،
ڪي راڳ مليا ڪي داغ مليا، ڇا ايمن ۽ شهانا ڇا.
تو سورن ڪارڻ سوز ڪيا، ڪي ٻول ڇيا انمول ڇيا،
هن شهر ٻرهاڻ نه ايندين تون، ويا توڪي وٺي ويرانا ڇا؟

عبدالجبار.

مصنف جا ڇپيا ڪتاب

سو ڪڙي —	١٩٥٦ع
اباڻو گهر —	١٩٥٨ع
دانشمندي —	١٩٥٨ع
ڪنزاللطيف —	١٩٦١ع
سوري آ سينگار —	١٩٦٣ع
غزلن جو غنچو —	١٩٦٣ع
سنڌيون —	١٩٧٠ع
ماٺوءَ جي ملڪ ۾ —	١٩٧٣ع
سنڌي ادب جي مختصر تاريخ —	١٩٧٣ع
اڪيلي —	١٩٧٤ع
لاڙ جي لغات —	١٩٧٥ع

ڇپائيءَ هيٺ

١. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي لکيل ڪتابن ۽ مقالن جي فهرست.
٢. سورت مٺي سڪ ڏيو. (ناولٽ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکا مٺا ٻول

جڏهن آءٌ ننڍو هوس، امان جي نگاهن ۾ معصوم ڙو، بابا جي خيالن ۾ سُو، جڏهن آءٌ ڦرهيءَ تي ڏڙهو نچائيندو هوس، جڏهن سمجهه پريون سوچون منهنجي وجود کان پاسيرو هيون. تڏهن کان بابا منهنجي اندر ۾ موسيقيءَ جي شوق جي دونهين دکائي هئي، رات جو سمهڻ ويل پر ۾ سهاري چوندو هو، "آڪ پٽ، 'مٺا مير مرسل مديني چون آيا...'!" ۽ آءٌ به بابا جي نقل ڪندي، ڪن تي هٿ رکي، سُر سان سُر ملائيندي چوندو هوس: "مٺا ميل مُرچل مديني ون آيا" سو اڄ اڄوٽي تائين موسيقيءَ جو شوق منهنجي وجود سان ولهيٽيل آهي، ڏور ڪو راڳيندڙ سُرن جو تارون فضا ۾ پکڙيندو آهي ته اندر جو شوق اٿل کائي راڳيندڙ ڏانهن ڇڪي ويندو آهي.

۽ "سرڪهه ترشنا" به انهيءَ شوق جي ڪڙي آهي، جيڪا عبدالجبار جوڻيجي جي سوچن جو سٽ آهي.

عبدالجبار صاحب 1952 کان شاعري ڪندو اچي، پر جڏهن کان سندس ڏيان تحقيقي ڪم ڏي لڙيو آهي، شعر ڙٿي ماٺ چوي. هيءَ سندس سمورو ڪلام آهي جيڪو امان اوهان تائين رسايو آهي.

ادب جي هر صنف انساني جذبن جي ترجماني ڪري ٿي، ۽ منهنجي نظر ۾ اهو ادب، ادب ئي ناهي، جيڪو انساني جذبن ۽ احساسن جو رنگ روپ پيش نٿو ڪري ۽ ڏڙڪن ۽ نفرت مان وهه سرڪي پري ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ سان ويجهائڻ لاءِ ڪهڙيو وڃي. ۽ امان اهڙي ادب کي تسليم نٿا ڪريون.

هونئن تہ ادب جي هر صنف انساني سوچن سان راند ڪري ٿي، پر شاعريءَ جي هرست ڪاٿ ڪٿي جيئن اندر پورينڌي رهندي آهي، ۽ اسان چونڊ شاعريءَ جا ڪتاب اوهان تائين آندا آهن ۽ آڻيون پيا.

”مرگهہ ترشنا“ سنڌي اڪيڊمي جو 6 ڪتاب آهي، هن ڪان اڳ اوهان اسان جا 5 ڪتاب پڙهيا هوندا اسان پنهنجي وس آهر اوهان کي سٺا ڪتاب مهيا ڪريون ٿا. اميد اٿئون تہ اوهين بہ قرب سان قبول ڪري سنڌي ادب جي همت‌افزائي ڪندا رهندا.

اسلم لغاري
سيڪريٽري سنڌي اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

وڻندڙ ڏيک، جهرڪ: مٺا سهڻا وڻ، آڇو آجرو وهندڙ پاڻي، دل ڇڪيندڙ ماڻهو ۽ اهڙا ٻيا سرشٽيءَ جي سونهن جا اهڃاڻ – ڇا سڀ ڪجهه آهن؟ ڇا انهن جي سونهن کي ڳائيندي شاعر ڇڏي هر ڳالهه، ڇني ٿو وڃي؟

دنيا جا لڳ لاڳاپا ۽ دل کي وڻندڙ دنيا جون رنگينيون؛ جن کي سامي مايا جو سوهه سڏيو آهي. تن جي ڇڏڻ جو ارادو شاعريءَ ۾ ڏيکارجي ته بهتر ٿيندو؟ فيلسوفن ۽ شاعرن دنيا کي تياڳڻ بابت به گهڻو چيو آهي ۽ دنيا کي ڇهڻي پوڻ بابت به ڪجهه چيو اٿن. اسان جي مشرقي شاعريءَ جو دفتر اهڙن مثالن سان ڀريو پيو آهي.

جيئن ڪنهن تصوير ۾ موضوع جي پٺيان پس منظر نظر ايندو آهي؛ تيئن سرشٽيءَ جي سونهن انساني سونهن کي پس منظر مهيا ڪري ٿي، اهو منهنجو خيال آهي. جڏهن ڪير قدرتي نظارن بابت گفتگو ڪندو آهي ته مون کي بلڪل ڪوبه لطف ڪونه ايندو آهي ۽ بور ٿيندو آهيان. ڇو جو آءٌ انسان کي گفتگو جو موضوع بنائڻ وڌيڪ پسند ڪريان ٿو، هونئن گلن ڦلن گلزارن جو ذڪر شاعريءَ ۾ مون به ڪيو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ايئن به سوچيو هوندم ته انسان هن دنيا ۾ هرڻ وانگر آهي، جي رڃ کي پاڻي سمجهي ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي ٿو پوي. عملي زندگيءَ ۾ اوهان ۽ اسان ڏٺو آهي ته هروڀرو ايئن به نه آهي. ڪيترا ماڻهو وڃي منزل ماڻين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ فقط هڪڙو سوال ڏو پڇان ته، ڇا اهي ماڻهو رڳو ايترو چون ٿا ته ـــ ”هاڻي بس.“

آءٌ ڪبير وانگر ڪو ساڌ سنگت جي ڳالهه ڪونه ٿو ڪريان ته ’ساڌو جي سنگت ايئن آهي، جيئن عطر جو دوڪان- جي اتان ڪجهه نه وٺو ته به وٽندڙ واس پيو اچي:‘ ـــ

ڪبير سنگت سه اڌو ڪي، جيون گنڌي ڪا باس،
جو ڪڇ گنڌي دي نهين، تو ڀي باس ڪي باس.

نه آءٌ هڪ سادي سودي ڳالهه ٿو ڪريان، يعني جيڪو ڏينهن گذري ويو، ان ڇا ڏنو ۽ جيڪو سڀاڻي ايندو سو ڇا کڻي ايندو؟ جيئن صادق صوفيءَ چيو آهي ـــ؟

جيڪي آهي اڄ، سو سڀان ناهي سڀرين،
واڇٽ ڪريو وڄ، مٿي ڪي مرلي ڪري.

مطلب ته، واڇٽ ڪري وڃڻو آهي. شاعري به انهن واڇڻ مان هڪ واڇٽ آهي. بلڪل ايئن جيئن اسان کي مرگهه ترشنا جو مثال اڳيان آهي. مرگهه ترشنا هڪ طلب آهي. دنيا ۾ رنگيني به ان طلب جي ڪري آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سڳورو نالو ان طلب لاءِ ڪافي آهي. شاهه صاحب ان طلب ۾ لوچ جي صورت حال ۾ رهڻ کي هيئن چٽي چٽو ڪيو آهي ـــ ع

ڍونڍيان ڍونڍيان ۾ لهان، شال ۾ ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سين مانئي ٿئي.

آءٌ پنهنجي شاعريءَ بابت ڪا به ڳالهه نٿو ڪريان، ڇو جو مون ڪڏهن شاعر ٿيڻ کي مڃيو ئي ناهي. پيا مڃين ان جي ته، ڪڏهن سوچ ئي نه، ڪئي اٿم. سنڌيءَ ۾ بين ٻولين جي ڪيترن شاعرن کي سنڌي ڪلام جي ڪري پوڄيندو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعرن جو ڪلام 'ڇو' آهي؟ اِهو سوال مون پاڻ کان ڪنهن زماني ۾ پڇيو هو. اندر مان جواب هڪڙو ئي مليو ته محبت ان ڪلام جو محرڪ جذبو آهي. محبت يا اهڙي ڪنهن به اڙانگي جذبي بابت آسانيءَ سان ماڻهو ڇڏي ويهي نٿا، راڳيا ڏين ٿا. اهڙن راين تي سوچڻ کپي. ڇا جنهن سان محبت جو پيچ آهي، ان لاءِ دل ۾ نفرت جو شديد جذبو به هوندو آهي؟ جنهن سان نفرت جو رستو آهي، ان لاءِ دل ۾ محبت جي چڻنگ به دکيل هوندي آهي ڇا؟ گوبند ماليءَ پنهنجي هڪ ناول ۾ اهڙو اظهار ڪيو هو. مون ڪيس بلڪل صحيح چاتو ۽ اڄ به ايئن ئي ڄاڻان ٿو. واقعي محبت هڪ عالمگير جذبو آهي ۽ نفرت به. ان کي سوويءَ ۽ سوڙميءَ جي پيماني سان نه ماپڻ کپي.

اڇو سونهن تي ته سونهن به هرويرو اتي نه آهي، جتي اسين ڏسون ٿا، (ڪاڏي ٿيو ڪماند، ڪاڏي ٿو چري ڏڳو-سامي) اتي ڪن حالتن ۾ رڳو رنگ ۽ روپ آهي، ناز آهي، نخرو آهي، چالاڪي ۽ چترائي آهي. اوهين مون سان ٻڪراءِ نه ٿيو، اهو اوهان کي حق آهي، پر آءٌ هتي پنهنجي دل کولي اوهان جي اڳيان پيو رکان. منهنجي شعر ۾ اوهان کي اهو ڪجهه نظر ايندو، جيڪي منهنجي ذهني آڇ تجربي توڙي مشاهدي مون کي ڏنو آهي.

جيڪڏهن اوهين شاعريءَ کي سڀڪجهه سمجهو ٿا ته ڪنهن اهڙي فنڪار جو تصور ڪريو، جيڪو شعرن ۾ پنهنجي آواز جو جادو پيو ڀري ٿو. امانت علي خان جو مثال ان سلسلي ۾ وٺي سگهجي ٿو. جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن سان رُسي، تيئن هُو زندگيءَ کان رٺو. منهنجي ساڻس ڏيٺ-ويٺ ١٩٦٢ع ۾ ٿي. مڪمل زندگيءَ جي باقي سورنهن سالن ۾ اسين پاڻ ۾ ست دفعا ملياسين. ڪلاڪن جا ڪلاڪ هن جا رياض به ٻڌم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سٽوڊيوز ڪان هوٽل ڏي ۽ هوٽل ڪان سٽوڊيوز ڏي ويندي منهنجي برادريءَ جا ماڻهو مون ڪان پڇندا هئا ۽ خانصاحب جي برادريءَ جا ڪانئس پڇندا هئا. ساڳيو سوال ”ڪنهن سان پيو گهمين؟“ جواب به ساڳيو هوندو هو — ’دوست سان.‘

منهنجن هنن شعرن ۾ سندس آواز به شامل آهي. منهنجا ڪي شعر پڻ تخلص سان به اڳ ڇپيا هئا. تقريباً پنهنجو سمورو ڪلام هن ڪتاب ۾ آندو اٿم. ترجمو ٿيل ڪجهه ڪلام، توڙي ڪيترا اصلوڪا هائڪا ۽ چونڪ تازا آهن. ڪن دوستن ڪلام ڇپائڻ لاءِ همٿايو ۽ ڪلام اوهان جي هٿن ۾ آهي.

فقط

عبدالجبار

١٠-٣-١٩٧٦ع

دوها	٩
بيت	١٣
وايون	٢٨
ڪافيون	٣٨
غزل	٣٦
نظم	٣٩
ترجما	٥٤
منظوم ڪهاڻي	٥٨
متفرقو	٦٤
هائڪا	٦٧
چوزڪ	٧٤

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوهــا

ســاٽ ســاٽ ۽ تارا مرڪيا، مُرڪي هئي پرڀات،
رات آها ڪا رات هئي، ڪهڙي تنهن جي ٻات.

••

ڏات ته ڪوئي ڏوه نه آهي، ڏات مٿي ڇو جهيڙو؟
ڏات وارن ڪي شهر نيڪالي، ويڪرو ٿئي ويڙهو.

••

ڪير نه آهي ورهه ويڳاڻو، ڪير نه آ مجبور،
ڪير نه آهي در در ڀٽڪيو، ڪير نه آ رنجور.

••

ڪهڙا ڪهڙا رنگ ڏنا سين، ڪهڙا ڪهڙا ڪيل،
ورهه وڇوڙا ڪهڙا ڪهڙا، ڪهڙا ڪهڙا ميل.

••

نيڻ نهــار ڪان دور وڃن، ۽ دل ۾ ڪن ٿا ديرو،
ڇا اهو پڻ آهي ڪو، مايا جو ئـــي ڦيرو.

••

ٻاهر ٻاڦ نـــه ڪڍٽي آهي، اندر ۾ ٿي اور،
مايا جو بس ڦيرو آهي، ڪنهن جو ڪونهي زور.

••

نيٺ ته تنهنجا ٽڪرا ٿيندا، چنڊ نه مون تي ڪيل،
منهنجي الائي ڇا جي ڪارڻ، ٽڪرا ٿي پئي دل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راتِ ٽڏي ٻه ڏينهن ٽٽو، جهڙو تنهنجو پيار،
تنهنجو پيار ٻه رڃ ۾ رولو، رڃ تي ڇا اِتبار،

●●

منهن تي آهي مرڪ سڄڻ کي، دل جو شيشو چُور،
پاڻيءَ وانگر ٻڏي وڃن ٿا، ماڻهو ڪهڙا سُور.

●●

چنڊ هيٺ لهي آيو، ڪڪرن مان ڪلهه رات،
سرتيون منهنجي ساهه کي، ڏيئي ويو ڏات.

●●

هٿ ۾ مون کي ڏيئي ويئي، ڳاڙها پيلا گل،
منهنجو من هو خالي هندورو، هن جي پريت آمل.

●●

ريت ڪريت جا ور وراڪا، ڪنهن ڇڏيا هت ٿاهي،
تنهنجي پريت ٻه ڇانوڪڪرجي، جهڙي آهي تهڙي ناهي.

●●

هيءَ ڌرتي پياسي آهي، منهنجو من پڻ پياسو،
اکڙين ۾ دم دم آهي، تنهنجو ئي بس واسو.

●●

ڇانڊوڪيءَ ۾ گهايل آهيان، تون پڻ گهايل ٿيندئين،
جنهن ويلي ٿو لوڪ سمهي، تنهن ويلي تون ايندئين.

●●

دل ۾ آيو خوشبو بڻجي، ساه ويو مهڪائي،
وهم وسوسا ٿڪري ويا ۽ پيار ويو پرچائي.

●●

آيو دل جي دنيا ۾، ۽ ڇير ويو ڇمڪائي،
دلؤ تان بار ويو سڀ لاهي، روح رڳل پرچائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ ۽ منهنجو تارا منهنجا، ڪنهن جي ڪانهيم ڪاڻ،
سنڌ سموري مون سان آهي، تون جي آهين ساڻ.

••

جهڙا آهن مئي جا پيالا، تهڙا تنهنجا چَپَ،
سهڻ اسان ۾ ڪونهي وينگس، ڪِڇي نه هٽجين ڪپ.

••

خط ئي نه لکين ٿي تون، چا مون ڪان رٺي آهين؟
جيئن آءُ ڪُٺو آهيان، تيئن تون نه ڪُٺي آهين.

••

اڪ ڇپيندي دور وڃي ڪو، ڪهڙو ٿيندو حال،
دردر درد سٺائي پنهنجا، ساعت ساعت سـال.

••

روئي جن ٿـــي رڃ پريا، ٿـــي ويا خاموش،
گهر گهر ۾ نندرا ديوي، ڪنهن کي ڪونهي هوش.

••

تير ڪشي چنڊ کي هٽان، سيني منجهان پار،
زخمي ٿي ۽ پَٽَ تي ڪِري، ٽڪرا ٿي پئي چار.

••

ٿلڙي آهي جنهن کي نڪ ۾، چولي تي هَرمچ،
وڃ ريپارا در تي ٻيهي، چئي تنهن کي ڏج.

••

زيور ڪجهه ۾ ناهن تولئه، سڀڪجهه آهين تونهين،
جهمٽيون جهالر نورا جهانجهر، تن کي تون ٿي سونهين.

••

آءُ سمجهان ٿي مون برهڻ جي، اگهڻ هلي تون ايندين،
چارين جي چغلين تي پيارا، مون کي ڪين ڇڏيندين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرش ۽ فرش جي وچ ۾ ساجن، هڪڙو محل اڏايون،
هن ڪثرت ۾ ڪهڙو ويهي، پنهنجو پاڻ پڙايون.

••

سرتيون مون کي ساجن پنهنجو، ڏيئي ويو رومال،
هاڻ ته ان سان هر هر پنهنجو، اوريان ويٺي حال.

••

سوز گهٽي ۽ سڪ سان ساجن، ڳُن ڪَلي سيڪاري،
آءِ سکي سا ڳايان ويٺي، راڳڻي پياري پياري.

••

پاب برهه جي سرتيون مون کي، ني ڏنا بس تول،
ساڻ ملي پيو شعر ملبو ۽ راڳ ايمن انمول.

••

ڪير به ڪنهنجو ڪمي ڪونهي، ڪير نه ڪنهنجو واهي،
هاڻي هر ڪو پاڻ سنڀالي، نه ته ٿيندس حال تواڻي.

••

هر جائيءَ سان پريت ائين، جڻ ڏينهن ڏئي ۾ رات،
دل ۾ هرگز رحم نه ڌاري، ڪاسائيءَ جو ڪات.

••

آبتو آهي جڳ جو ڦيرو، آبتي جڳ جي ريت،
هر ڪو چڪيءَ ۾ تو پيسي، ڪو نه ڪنهنجو ميت.

••

ساجن پل تون دور هليو وڃ، منهن نه تو ڪان موڙيان،
جڳ سان ناتو ٽوڙي ڇڏيان، توسان ڪيئن سو ٽوڙيان

••

ساجن مون ڪان دور رهي تو، ويجهو تنهن کي پانيان،
هر هر دل ۾ جهاتيون پايو، ڪيسن منجهه لڪايان.

ويئا ڪائن سٽن کي، هيءَ آ جڳ جي ريت،
عبدالجبار چئي ڪوڙو جڳ ۽ ڪوڙي جڳ جي پريت.

••

ساوا وڻ سڪي ويا پيارا، برف ڍڪي آهہ واري،
ڪڏهن الاهي اونهارو ايندو، ساوڪ جي آزادي.

••

منهنجو ساهہ سڪي ٿو چيا ڪي، آءٌ اِهو جي چاڻان،
بندو بي وس آهي جڳ ۾، چئي ويا سچ سياڻان.

••

گل جو آهي جوڀن تنهنجو، هرٽيءَ جي آهہ چال،
ڌرتيءَ تي جو قدم رکين تون، آٽي ٿو ڀونچال.

••

منگوليا جون سرد هوائون، ڍسا هجي چؤماسو،
هر وڻ ۽ ٻوٽي ۾ بس، تنهنجو آهي واسو.

••

من جي ڳالهہ سٽي جي سهيلي، پار ڪڍي ويهي روئي،
مون برهڻ تي جيڪي گذريو، ڀيو نا جاڻي ڪوئي.

••

ذات بنا سڀ ذوه آ پيارا، ذات ڪي آهي سلام،
پاروٽي ماني چڻ آهي، ذات سواءِ ڪلام.

••

راڻي باغ ۾ ٿو ڪي بربل، مون جي ڪونہ سڃاتو،
رنج نہ رهجان ڪيئن ڳنڍجي سو، ڇڄي ڀيو جو ناتو.

••

پل پل پل گهات گهڙي ٿو، ناهي ٿو محلات،
ڪن ۾ اوچو ڳات ڪري ۽، ڪن ۾ ڪائي مات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسين منهنجو وس هــو پيارا، تــو ۾ رکيم موه،
هاڻي آءٌ بيوس آهيان، سنهنجو کونهي ڏوهه.

••

تولئه طعنا تنڪا مليا، مــهــڻــن جــا جنجال،
سهندي سهندي سال لنگهي ويا، پورا سورنهن سال.

••

مون کي تنهنجي سڪ لڳي آهه، ڦوٽ نه ايندين يار،
دل کي ياد رهين تو هر دم، هليو تون آ هيڪار.

••

پريم پکيڙا تــولــئه بڻايم، اکڙين ۾ آکيرو،
ساجن تــو ۾ موهن گهٽي ۽ منهنجو مــن آ ميرو.

••

هيءَ نگري آ ڏک جي ساجن، سک هتي ڪو ناهي،
هرڪو پاڻ کي سير ٿــو ڄاڻي، هرڪو سينو ساهي.

••

سچ جو آهي سودو اسان وٽ. سچ جي آهي وائي،
جيڪو سچ کي ڪين مڃيندو، تنهن سان آهي لڙائي.

••

ياد اچين ٿــو پل پل ساجن، دل ۾ تنهنجو ڌيان،
گهر پڻ توتان گهوري ڇڏيان، گهوريان سڀ سامان.

••

وره وڇوڙو اؤکو آهــي، سؤکو تنهنجو سنگ،
تنهنجي جوت جلي ٿي من ۾، گل ۾ تنهنجو رنگ.

••

جڳ ۾ ڪنهن سان پريت نه رکبي، ڪوبه نه من جو ميت،
جڳواسي سڀ آهن اناڙي، نه ڄاڻن پريت جي ريت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجن توئي سينگاريو هو، سپنن جو سنسار،
تنهنجي دم سان هوندو هو، پر ٻس، چٽ بازار.

••

ماڻهوءَ جي ڀر ذات ڏنگي آهه، اهو آهه رکڻو ڌيان،
هي ماڻهو ڪنهن اٽڪل سان، چوائي پيو انسان.

••

پاڻ سنڀالي هلڻو آهي، آهي اونڌهي ٻاٽ،
ماڻهو ڪنهن جي پريت نه سهندا، ڪندا ڪيئي ناٽ.

••

پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي، اڄ ڏسي تون ڪير،
پيري پاڻ ڏسي هڙ ڪايو پوءِ، پاڻ ڪٿي ٿو پير.

••

توکي ساجن ساريان ويٺي، مل اچي تون پيارا،
تنهنجي آءٌ نانءُ سڄان ٿي، منهنجا جيءَ جيارا.

••

پل پل اوسيڙو آهه تنهنجو، پل پل تنهنجا پور،
آس نه، لاٿي آهيم پيارا، ايندين نيٺ ضرور.

••

مون برهه جي پيرن ۾ ڏس، اڄ جا پيا زنجير،
منهنجا ڏک تون دور ڪرين. برهه جو تون پير.

••

نور - ڀريا ڀئي نيڻ اوهان جا، نور - ڀري پيشاني،
ڪهڙي ديس کان آيا آهيو، ناهي اوهان جو ثاني.

••

سهسين سزائون سلن، سورن جا سامان،
مٺو مجبورين ۾، ويچارو انسان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿ تــي ساري گھٽو، هيڪلي تي آهہ ڪونج،
ڪيڏي ٻچي ڪونہ ٿــي، مـــن ۾ آهس مونجھہ.

••

تون تان آهين ســون سريکو، آءٌ آهيان لـــوهہ،
توکي ساجن پيار ڪري، مون ڪيو وڏو ڏوهہ.

••

منهنجي مـــن ۾ آهـــن پيارا، ازل جـــا آواز،
هڪڙا روح سان راڳـــ ڳنا ٻــيا سُريلا ســـاز.

••

منهنجون تو ۾ آسون آهن، نيٺ تہ منهنجو ٿيندين،
وہ ڪائي مري آءٌ ويندس، ڇپر جي تـون ڇڏيندين.

••

من کي من سان راهہ ٿئي ٿــي، اها پرِت جي ريت،
ســازن ۾ آواز نـــوان ۽ گيتن ۾ سنگيت.

••

رات جون ڪاريون ڇڳون، جهڙا گهايل گيت،
تارن سوڌو چنڊ لکي ويو، ٿيو نـــہ من جو ميت.

••

ڪلهہ جـــو گڏريو سانورا، اڄ ســو ناهي ڏينهن،
ڪنهن ٿي چاتو ڇڄي بہ ويندو، ڪچي ڌاڳي جئن نينهن.

••

تون رمين پرڇايان توکي، مـون کي ڪو پرڇائي،
سڀڪو پنهنجي پـــر ۾ پورو، سڀڪو پيو لهرائي.

••

تون ئي آهين شاعر منهنجو، تون ئي آهين هادي،
تنهنجو شعر تـــہ امرت آهي، ملڪ ۾ آهي منادي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرم اسان جـو رک پٽائي، آهيون اسين اناڙي،
تنهنجو بيت نہ سمجهون ٿا ۽ ڪنهي وٺون ٿا ڪياڙي.

●●

حال اسان جو هيٺو آهي، سور اسان جا ڀيٽا،
سادا سودا ماٺهو آهيون، لڄ رکج لاڪيٽا.

●●

تنهنجا نانءُ ڪٿون ٿـا پيارا، تو ڪي ڪونہ سڃاڻون،
رومي، جامي ۽ حافظ سان، تو ڪي پيٽي چاڙون.

●●

تون ٿي ڪرم ڪر پٽائي، تون ٿي ڪر ڪو وارو،
هڙ ٿي منجهيا ويٺا آهيون، ’ڪنهن چيو ڪيڏارو.‘

(١٩٥٦ع کان ١٩٧٩ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت

ڪَهي ويو قافلو، ڇڏي نينهن نشان،
ويا ٿي ويران، پريا پاڻ پنهور جا.

●●

ڪَهي ويو قافلو، پتو ڪونه پيوم،
ستل هيس سرتيون، ڪُهي ڀاڻ ويوم،
ههڙو حال ٿيوم، ڪُنلي ٿي ڪارون ڪريان.

●●

ڪهي ويو قافلو، ڇني ڪري ڇيه،
مُندِ ۾ ائين ويه، هلن هوتن سامهين.

●●

اڳڻ مٿي اوپرا، ڏاڍا ڏير ڏٿام،
مون نه پروڙي مام، ته ڪندا جاڙ جيڏيون.

●●

اڳڻ مٿي اوپرا، ڏاڍا ڏٿم ڏير،
ماري معذورين کي، پوڙان ڪيائون پير،
ماريان جي سوير، نه مرتيون سَيجَ پنهور ۾.

●●

اڳڻ مٿي اوپرا، سيڻ سمجهيا مون،
ڪيچين جي ڪرهن جي، پڌجي هونگ نه هون،
پنهيون هيءَ پون، ساڙي منهنجي ساه کي.

اگرڻ متي اوپرا، جهوري ويا جڏي،
اوڻين آديءَ رات جو، ميڙي ڪنئي مڏي،
منبري لاڪم سرتيون، آريءَ جي آڏي،
لاڏوئن لڏ لڏي، ڪُهي ويا ڪيچيا.

••

اگرڻ متي اوپرا، اديون ڏنم آتَ،
ڏيئي باھ ڀنڀور کي، پوان پنهون پٽ،
ڪرهن ڪيچين ڄُٽ، جاڏيِ ڪئي جيڏيون.

••

ڳائڻ ۽ ڪاھڻ، اديون ڪيچ وڃڻ ڏي،
پنهون پرچائڻ، سؤکو ناهي سرتيون.

••

ڳايان ۽ ڪاهيان، اديون ڪيچ وڃن ڏي،
پنهون پرچايان، سانگ ڪهڙي سرتيون.

••

ڪَهي ويو قافلو، اڳيان رکي رڃ،
الله آهيم آڄ، پرديسيءَ جي پيار جي.

••

ڪَهي ويو قافلو، ٽڳي من توکي،
مري سُنڌ موکي پٺي ڀيچرن تي.

••

ڀنهل تنهنجا پير، ووڙيان واٽن تي،
ڏکيءَ سندا ڏير، ڏنگا ۽ ڏاڍا ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنهل جا ٻيرا، ٻچي ٻپ ڪان،
وات نہ سجهي ولهيءَ کي، ٻلجيو ڏي ٻيرا،
ساٿي سويرا، ويا لڪ لتاڙي.

●●

هجي سڪ ساهڙ جي، گهڙو مر ڪچو،
گهڙي ٻونديس گهورن ۾، اٿم سنگ سچو،
مرتيون، سڀ اڄو، ٻئي هن مهراڻ ۾.

●●

ٻُري گهڙو ٻور ٿيو، وس ويم واهون،
ٻڏيءَ جي ٻاڪار سڻ، دلبر هي دانهون،
ٻيلي مون! ٻانهون، هڻ ڇڏيون هت ميان.

●●

ٻُري گهڙو ٻور ٿيو، واهون ويم وس،
گهُورن مان ڪو گس، لڀي تہ لڙهندي وڃان.

●●

ٻُري گهڙو ٻور ٿيو، واهون وس ويام،
ساهڙ يار سير ۾، تنهنجا مڏ مڻام،
وڏا مڇ ملام، ٻانڌي جيڪي ٻرڻ جا.

●●

ٻُري گهڙو ٻور ٿيو، سهڻيءَ سچو سنگ،
تاڪن تڪيو تنگ، سهڻيءَ کي سير ۾.

●●

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، سمايا سڀ سُور،
ٻيجل ٻئي ٻور، حاصل ڪيا هيج سان.

●●

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، سور سمايا،
جي تو سڻايا، تن اندر وڍي اڌ ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارڻ تنهنجو چنگ، رڳا سور سلي،
روح رچڻو رنگ، سورن منجهه سمائيو.

••

چنگ چنگيلا چور، آئٽ اچي اندر ڪي،
سُر جو سڳو سور، سؤ وار وڍيان سِر ڪي.

••

سِر ۽ سُر ڪي تو ڳنڍيو، تڏهن رچيو رنگ،
چارڻ تنهنجو چنگ، سڄوئي سور ٿيو.

••

چارڻ تنهنجي چنگ   سورن جو سامان،
سڌجن جي سلطان، سي ڦهر ۾ ڦٽي ٿيا.

••

سُر تنهنجي سانيا، جيءَ ۾ ڪئي جاءِ،
ميلو ماڪ مچاءِ، سئو وار وڍج سِر ڪي.

••

ڏڳان تيسين طالبيان، هڪي هڪ واريءَ،
اِهو اڪر انڪاري، سئو وار سسي ڏيڻ.

••

سُر ڏيو سِر وٺين، اِها ڪهڙي ريت،
چارڻ ڇو ٿيو چنگ ۾، مڱڻا تنهنجو ميت،
جاجڪ انئين م جيت، ڪو مال ڳُهر تون مڱڻا.

••

سڻي سوڍل سڏ، ڪامل وري ڪاڪ تي،
سرتيون سندم هڏ، راڻو رولي هليو.

راڻل تو رمين، اڇي هنئين چڪَ،
هوند هجئي سڪ، ته سومل سڃاڻين ها.

••

ڍولا او ڏيت ڏٺي، جيڻ ٿو جهوري،
ڪانگن ڪي ڪوري، ڪ ڏيان ماس مروئن ڪي.

••

ڍولا او ڏيت ڏٺي، ڍولا عيب ڏيکئيم،
ايڏو ڏنيي نه ڏيئم، جو سودا سهي نه سگهان.

••

رس ڀري هيءَ راتڙي، مومل ڪي ماري،
سوڍل ڪي ساري، نڪري ساهه سرير مان.

••

سهڻا ساٿي سڌ ڏي، چڌ نه چني مون،
منهنجا ساٿي سانورا، من ۾ آهين تون،
سرهي ٻاپان پون، جتان آيو جيڏيون.

••

سهڻا ساٿي سڌ ڏي، ڪٿي پيو وسين،
ٻاڻان ڪونه اچين، اچان روڪين راهه ۾.

••

سهڻا ساٿي سڌ ڏي، توکي ساري ساهه،
منهنجي من جي ٻاهه، ٻري ٻاري جگ ڪي.

••

پسي مک محبوب جو، مڙي ويو ماهتاب،
اندر وڃي اڌ ٿيس، پچي ٿيو ڪباب،
لاثڻ لاجواب، گهوريس سندس گهور تان.

آڳا تنهنجي آسري، پيئي ٽار تران،
واڪا وس ڪريان، سڀئي ساڳا هئين جي.

●●

آديسي آديس، سڄڻ سارئي ساهه،
’محب منهنجا سپرين، آڻيندءِ الله‘،
ايئن آچاريو شاهه، فرمايو فڪر سين.

●●

تون تونئي تون، سر ڪليو سرندي،
اکيون ڪيڏي ابر مان، پاڪيا پر سا پون،
تنهنجي من ۾ مون، ذرو ڏنو ذوق جو.

●●

ايئن ويهڻ مات ۾، جئن ڪا اپسرا،
منهنجي من جي ڪا، سار لهيچ سپرين.

●●

هيڏا جبل جاڏا، هيڏيون ترايون،
سرمي سرايون، ڪڇن هن مٽيءَ مان.

●●

ڪي ميٺن منجهه سونهن، ڪن جو ساٿي ڪو نه ڪو،
ڪنهن ڪي واڪا ڪن، گڏيا گهمن گوندرين.

●●

مون جي هن ميدان ۾، ڪي نئي پير پريا،
واٽون واسينگ ٿيون، گوندر گس ٿيا،
ڪري ڊوهه ويا، رڙان ٻئي روهه ۾.

●●

ساجن ساري رات، ويٺي تارا تڪيان،
اڄ اوهيڙن ۾، ڪريون ملاقات،
ڳڙري جي برسات، ملڻ ٿيندو ڪينڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڙا ٿيون پڙين، گوهر ڀسن ڪينڪي،
اُونهي هن عميق ۾، جاچي جهوت نه ڏين،
نا ڪئا نوازين، ته انت ڀسن آب جو.

••

ويهي ڪي ويچار، گهڙا پريندئين ڪيترا،
مٿي هن مهراڻ ۾، آهي ڪو اسرار،
اونهي منجهه نهار، ته موتي ميڙئين آڻ ميا.

••

ويهي ويچاريو، جنهن اِن اسرار کي،
گهڙا انهيءَ گهيڙ تي، پڇي سو آيو،
مؤدو سجايو، آهي آن جو جيڏيون.

••

ڪنهن کي پيئي ڪا، ڪل انهيءَ اسرار جي،
گهڙا تنهن گهيڙ تي، پڇي ڪيا پُٽڪا،
رمز ٻروڙئين سا، جا پڙڻ وارا پليا.

••

شاعر پنهنجي شاه تان، گهٽو ئي گهوريان،
گفتا هن گواڻ جا، چيتر ۾ آءُ چوريان،
تڪيانءِ توريان، لک سان افظ لطيف جو.

••

جاني منهنجي جيءَ ۾، سُور تي سماءِ،
من اندر جا باه، آجهي ڪين آلا ڪيدي.

••

ٻڌي ٻالهيون ٻوٽ جون، منجهي منهنجو من،
مي سوٽا ڪيئن سهن، من جنين جو ميڻ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکڙين منجهه، خمار، نيڻن منجهه، نشو،
پريتم تنهنجو پيار، روڳ لڳائڻ روح کي.

••

ويٺي جام اڳيان، نوري نماڻي،
هوءِ سيج سونهي، سميون پيرن پاڻي،
عزت اياڻي، نئڙت ساڻ نڀائي.

••

تون ٿو ڏئڻ ڪلين، جڻ ڇهڪي ٿو ڇتون،
مون ساڻ جي ملين، ٿي جڳ وڃن وسري.

••

بديڻن جي پر ڪي، رسج تون سويلو،
وري آيو ميلو، وري رنگ رچيا.

••

جيءَ جي جنسار ساڻ، جاهل ڪٿن جس،
هوند هليم وس، ته سڏيان سنڌ سنسار کي.

••

ترهو توڙ نه، تڳيو، هنئين وڃايم حال،
جانب منهنجي جيءَ ۾، جهوري ۽ جنجال،
صدائون سوال، تو در آندم سهرين.

••

سير ڏيان سڙ نه ڏيان، ڪامان آڏامان،
مئو جي ٿيان، ڇهنب نه ڇوريان ڪڏهن.

••

مي پڻ ڏينهن ڏئام، روز مڪائون سنيهڙا،
هاءِ هي ايام، ڏسن ته ملن ڪينڪي.

سور نہ ساريان سپرين، لاڻ اوري اڄ،
اڃي عبدالجبار سان، ڳالهيون اورج ڪڇ،
مڇيو اٿم من ۾ محبت سندو مچ،
پريتم اڃي پچ، هن بره جي باھ ۾.

••

پيتا سون پرين سين، جيڏيون جام پري،
مون کي محبوبن ري، ساعت ڪين سري،
اديون عبدالجبار چئي، ويا ڪيڏو قهر ڪري،
اچي شال ڏري، محب مون تي هتڙا.

••

هلندي ڪا هوت ڏي، ڪا هوت ڏي هلندي،
سلندي سور بره جو، ڪا سور بره جو سلندي،
جانب ري جلندي، جلندي ڪا جانب ري.

••

آڏي آت آڏام، جتي ناوڪ نينهن جي،
جتي ننڊ حرام، آڏر آت پکيڙا.

••

منهنجا سائي سانورا، ڇو منهن تو مٽائين،
ڳٽيو ڳٽائين، اوڳڻ عبدالجبار جا.

••

ڪڏهن خط لکن، ڪڏهن وڃان وسري،
اچان ڪي اٿن، عجب جهڙيون عادتون.

••

سدا سانيڙن جي، پرور رکج پت،
وينا روئن رت، وڇڙي اڄ ولر ڪان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڏڪو درياءَ شاهه جو، عجب ڏنوسون،
صاحب تون ئي تون، آئل آئي اوچتي.

••

پاڪ پيشاني پرينءَ جي، قدم جئن مرڏنگ،
ڪڏهن تلي مور جئن، ڪڏهن ڊيل سندي ڍنگ،
عجب رمزون رنگ، آهن عبدالجبار ڇئي.

••

پاڪ پيشاني پرين جي، نيڻ ٻئي نيزا،
سونهن ڪُرَ ڪنن ۾، عجب آويزا،
گُجر گريزا، آهي عاشقن ڪان.

••

پاڪ پيشاني پرينءَ جي، جاڙا ڀوُنر پرون،
اسين تنهن عجيب ڪان، فراقيا ڦرون،
ڪهڙي چور چُرون، آڱرُ تان عجيب جي.

(۱۹۵۵ع کان ۱۹۷۰ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وايون

لاٽ مٺي سا لاٽ الا وو—
جنهن مان سونهن جو ساءُ اچي.

چاندوڪيءَ جي ڪِيرَ مان، وهنجي آئي سوغات،
موتين جهڙا سپرين، چانديءَ جهڙي رات،
سونهن مان سرڪيون پرينديءَ، ڪو نہ ڪائي مات،
ٻوليءَ ٻوليءَ ساءُ پيو آهه، ڏات ڪري ٿي لاٽ،
جنهن مان سونهن جو ساءُ اچي.

••

سات ويو جو رات الا،
مون کي ڏاگهن جو ڪو ڏيو ڏس.

ڪرهن سندو قافلو، نيو تہ ڏاڍي ذات،
ٽوٻڻ ٽاري آهيان، ڪٿيس تنهنجي ڪات،
جيس نہ آهيان تنهنجي هرگز، ذات مٺي ڪا ڏات،
پيو تہ ٻجهان ڪين ٿي، رڳي ٻره جي ٻات،
ورتم وات وندر جي، وائي تنهنجي وات،
آهہ عبدالجبار ڪي، توريءَ ٻي نہ تات،
مون کي ڏاگهن جو ڪو ڏس ڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راتا رويو راتڙي، گهايل گذاري —
گهايل گذاري الا، سوڊل ڪي ساري.

محبت تنهنجي ميندرا، موسل ڪي ماري،
مچ ٻرديم من ۾، ويهان ڪيئن وساري،
جانب هاٿي جيڏيون، ڏاتر ڏيکاري،
الا عبدالجبار چئي، واحد ور واري،
راتا رويو... —.

••

ويندڙ آءُ وري، تولئه، آهن اکڙيون آجايون.

هيڙي منڊ ۾ هيڪلي، ويندي منڊ مري،
سيءَ اسان جي آئي بهاري، آڙنگ ويو آ ٽري،
موسم من موهيو آهي، ويئي چر چري،
توکي پڪاريان ٿي پرين، مون کي ڪين سري،
آءُ پرين پرديس ني، وڃ، آنئي ذوق ذري،
ڪر ڪارو نيار ڏسي، پيم نيڻ ٺري،
ويندڙ آءُ —.

••

ڪونج آ چا لئه آداس؟ جيڪس وڇڙي وڳر پنهنجي ڪان.

نيڻ آجايا ڪٽيو نهاري، وڳر نه آيس راس،
پاڪ پلڪ ۾ درد سمايو، قدم قدم ۾ پياس،
آس اندر ۾ آهي ان کي، نيڻن ۾ هڪ ياس،
عبدالجبار چئي عقل اسان جو، ناس ڪري وئي ناس،
ڪونج آ —.

سيڪَ اڪاري ٻار، الا - گهڙو ڪٽجي ڪينڪي.
سهڻيءَ سڏيو ساهڙ کي، ٻهتو ٻڙاڏو ٻار،
ٻُري گهڙو ٻور ٿيو، پيلي سٺو نہ ٻار،
گهڙي ۽ گهيڙ جو، اڪر ڪين اچار،
ساهڙ سندي سڪ ۾، گهڙي ٻنا گهار،
آهي عبدالجبار کي، پرت جي نئي پچار،
سيڪَ اڪاري —.

○○

ماريو سڙه جهاز، نا ڪئا ٿيا اج ڏاريان ڏاريان.
ڏيجي ويا دهشت ۾، عشق سندا آوازَ،
آهن بحر عميق ۾، روحاني ڪي رازَ،
سي تہ وڏجارا ويا، نيتِ ڪنيا جن نازَ،
آهن عبدالجبار کي، حاصل تينهن نيازَ،
نا ڪئا ٿيا —.

●●

تن تہ ٽپايو تار يار، عطائي آيو.
ونائي ويجهو ٿي، ويچا سڀ وسار،
اندر وڏجي آڏ ٿيو، سچن آهي سار،
چارڻ چوريو چنگ کي، هيج منجهان هيڪار،
سر سندو سؤدو ٿيو، ٻي ڪا پرت پچار،
اوڏو عبدالجبار جئي، دوست ٿيو دلدار،
عطائي آيو —.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرين ڪريو پڙ واري، پارڻ دلڙي پاري.
ويچ اوهان جي واهر گهرجي، موٽن تہ حياتي ڳاري،
دل کي گهرجي دل جو دلاسو، سڌ اٿم اِها ساري،
وره وڇوڙو اڙکو آهي، گهايل سهي نہ گهاري،
عبدالجبار چئي عشق ۾ هردم، زور آور منهنجي زاري،
پرين ڪريو —.

••

سانجهي ٿي تون سنيار، آڌر پکيئڙا پنهنجي وڻڙ هي.
ويڙه پکيئڙا تنهنجا وسندا، غافل ٿي نہ گذار،
نينهن ڪيو آ توکي نرالو، نينهن متان ٿي نثار،
پڪڪ تون پکيئڙا چوٿو پچاڙين، پره آيو بار،
توکي سيڪجهه سوکو آهي، تون کو ٻوٽو ڀار،
آڌر پکيئڙا —.

••

هينئڙا چڏ تون چيڙ پچار، پور اجايا ڪين پچاءِ.
متو ڪنهن جو سور نہ گهر تون، سب جا پيڙا پار،
سڄڻ ۽ ويري تو ۾ آهن، پنهنجو ڀاڻ آجار،
ويرين جون چڏ سور مقالون، سڄڻ ويهي سنيار،
عبدالجبار چئي عشق وارن وٽ، غافل ڪين گذار،
هينئڙا —.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توتان گهوريان هيرا موتي، پٿر ڪيئن وسايان.
آهيان ويرين وچ ۾ پيارا، اڃان جاڳيو ناهيان،
واتن تي آءٌ نيڻ وڇائي ۽ پڻ وار وڇايان،
مر ترِيءَ تي تنهنجي ڪارڻ، گهوري آءٌ گهمايان،
سچ جو آهي سؤدو تو وٽ، گهرگهر لاتيون لائيان.
تون ئي آهين ساجن منهنجو، تو در جهمريون پايان،
عبدالجبار چئي وهم وساري، تنهنجا ئي ڳڻ ڳايان،
توتان —.

(١٩٥٧ع کان ١٩٧٠ع)

ڪافيون

منهنجا محب منٺا اي بيپرواه،
تنهنجو حسن جو زور سبحان الله.

١- منهنجي اکين جو تون تارو سڄڻ،
مون کي جان کان تون پيارو سڄڻ،
توکي الله ڪيو سوڀارو سڄڻ،
تنهنجي هر هنڌ آهي واه واه واه.

٢- اڄي عبدالجبار سان ڀال ڪَيَئِي،
وري خود خوديءَ جا خيال ڪَيَئِي،
اڄي عشق وارا پيمال ڪَيَئِي،
تنهنجا ناز سڄڻ سبحان الله.

••

وطن رهئين تون ويهي، هٿ هٿ سڄڻ ڏس حال اسان جو.

١- آءٌ سڄڻ تون پير پري، توکي ساريان گهڙيءِ،
قربئون ڪڄ ڪو خيال اسان جو.

٢- وصل تنهنجي جا وعدا سهڻا، ماه پساه ۾ سيئي،
جيئڻ ٿيو جنجال اسان جو.

٣- عبدالجبار چئي آخر اچبو، اگڙ اوهان جي پيهي،
فنا ڏسو في الحال اسان جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِيٺي ڪين ورِي، هرڪا ڪِرت ڪري،
جيڪا ڏيان ڏري، سا ٿِي تار تري،

١- جنين هڏ نه ڳنو ميں ٿيون سُور سهن،
انڌيون آتڻ ڪان هنئين ڏور رهن،
ڀرين ڪين ڪتين پوءِ ٿيون هٿ هڻن
سرتيون تند طلب جيءَ ڪان ڪين سري.

٢- جيڪي دل ڪان ٿئي سوئي دوست ڏنڌو،
سوئي چاڻ سڄڻ آهي سڪ جو سنڌو،
ڪولي يار ته ڏس پنهنجي دل جو ڪنڌو،
هرڪو پنهنجي هڏ جي ٿو پيهل پري.

٣- پنهنجو هٿ نه هلي، ويهي سور پڻن،
روئي رڃ پرڻ ۽ ڀار ڪيڻ،
جيت سوچ ڪپي آت دانهون ڪرڻ.
اِهو آهي عقل ڪان ڀار پري.

آءٌ روڏان جڳ روئي، آهيان جڳ جي اک جو تارو.

۱- آلاپيان ٿو ۽ سوز ڪريان ٿو،
راڳ ۾ ڪيئي رنگ ڀريان ٿو،
پيو تان آهي نہ ڪوئي، آءٌ ئي آهيان نينهن نظارو.

۲- منهنجي من ۾ ساز ڪي آهن،
آمد جا آواز ڪي آهن،
سوچيان ٿي ٿو سوئي، سچ تہ سخن ۾ آهيان نيارو.

۳- سور وري اڄ سورٺان آهن،
آذمان اندر جا اورٺان آهن،
ڪهڙو ڪنهن پيوئي، دل تي دلبر دورنگ وارو.

۴- خطرڙا لکين ٿو، سڪ ۾ سڪين ٿو،
اڱڻ اڄان تان يار لڪين ٿو،
ڪنهن کان سبق ملوءِ، ڪيئن سکئين اِهو عشق اشارو.

(۱۹۵۸ع کان ۱۹٦۵ع)

غزل

ميخاني ۾ جي مون کي ڪالهه رات سڃاڻي ها،
ڪنهن کي به نه پياري ها، ڪنهن لاءِ نه آڻي ها.

ٽاڻي سان پي ويو زاهد، ساقيءَ جي هٿان سرڪي،
هيءَ مئي نه ملي تنهن کي ڪنهن ريت به ناڻي ها.

جي قيس جي جذبي ۾ هجي ها ڪا سچائي،
نه پاڻ پڇاڙي ها، نه خاڪ ڏي ڇاڻي ها.

سچ زاهد ٻي ڀير ڪي، چيم ڪالهه سر راه،
سچ کي جي سڃاڻي ها، حورن ڏي نه تاڻي ها.

خواهش کي چئين چاهت، چاهت کي چئين خواهش،
خواهش کي ٿي سمجهي ها، چاهت کي ٿي ڄاڻي ها.

١٩٦٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو وڃي وسري خدا اي بيوفا تنهنجي اکيان،
پڻ سياڻا ٿا ٿين سڀ ٻارڙا تنهنجي اکيان.

منهنجي چاهت رنگ هڪڙو، تنهنجي چاهت رنگ گهڻا،
عشق ۾ ٿي ٿا وڃن رنگ ڪيترا تنهنجي اکيان.

چنڊ تنهنجو جيس ناهي، سج تارا ۽ ڪتيون،
هڪ گهڙيءَ ۾ ٿي ويا هڙئي جهڪا تنهنجي اکيان.

جنهن ڏينهن اچين ٿو ڪوٺ ۾، ڪهرام ٿو اهڙو مچي،
سڀ وڏيرا پيا ڏيو واڙا تنهنجي اکيان.

ڪو زمانو هو تہ توڻ مون ساڻ هردم گڏ هئين،
اڄ ڏسان پيو پيا گهمن ماڻهو گهڻا تنهنجي اکيان.

١٩٦٨ع

اوهين اکين ۾ وهاريو ته ا اغيارن کي،
سزا وفا جي ڏيو ته ا وفادارن کي.

اوهان جي ظلم کي خزان سڏين ٿا ماڻهو،
ڪرم اوهان جو چون ته ا بهارن کي.

اوهان جي چشم ستم جا قائل ٿيا سڀ،
مڃيوسين ڪين ڪڏهن تيرن ۽ تلوارن کي.

ستم اسان تي ڪريو ڇو ستم ٿي گهريوسين،
ڪرم اوهان جو ٿو گهرجي اوهان جي پيارن کي.

هزار ب ار ملو ته ا ۽ دل ڏتاريو ته ا،
خبر نه آهي ڏتاريو ٿا ڪيئن هزارن کي.

۱۹۶۸ع

نظم

ڇُو ڇا ڪريون:

خوف مان مون ڏي ڏسي هُن پڇيو: ڇُون ڇا ڪريون؟
سوچيم ٻيئي انهيءَ دم ۾ چيم: ٻيئا رهون،
هن چيو: ماڻهن جي اچ وڃ ڪي ڏسي ڊپ ٿو ٿيئم،
مون چيو: رڪشا ڪريون ۽ هل ته ٻاغيچي هلون.
ماڻهن جي نظرن کان لڪي رڪشا ۾ ويٺاسين اچي،
باغ ۾ لهندي ٿي جهڪڻ ۾ وياسين ويڙهجي.

١٩٦٣ع

••

سوئٽر ۽ سوچ:

ايئن سوئٽر آڻي پياري —
تون ته مون تي شڪ ڪندي هوندئين،
مون کي توسان نباهڻ نه، ڏنو ماڻهن،
تون الائي ڇا سمجهندي هوندئين؟
ايئن سوئٽر آڻي پياري.

١٩٦٥ع.

پيڪنگ (۱)

پيڪنگ پيڪنگ! چين جي راڻي!
سڀ ڪـــان سهڻي، راڄ ڌڃاڻي،
تنهنجا منهنجا جــذبــا ســادا،
ساڻهو تنهنجا اهـــڙا ســادا،
جئن هـوءِ جيڪا حُسن معصوم،
سڀ ڪـــان سهڻي راڄ ڌڃاڻي.

۱۹۶۶ع

●●

هانگ چو (۲)

’هانگ چو‘ جي هيءَ گهري ڍنڍ،
چڻ چيني محبوبن هي نيڻن جي گهرائي.
ٻيڙيءَ جو سفر،
۽ ساٿيءَ جو ڳائڻ ــــ
’ٻڌيءَ ۾ قوت آهي،‘
ڍنڍ ۾ سونهري مڇيون لڙجي رهيون آهن،
منهنجي روح وانگر.

۱۹۶۶ع.

---

(۱) پيڪنگ ـ چين جي راڄ ڌاني آهي.
(۲) هانگ چو ـ ڏکڻ چين ۾ هڪ شهر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پي هاءِ (۱)

سھڻا تنھنجي اکڙين ۾ پي هاءِ جي گھرائي،
جيڪو ٻڏي، نهاري سو پنھنجي ڏسي رسوائي.
هن شهر جي ماڻهن ۾ تنهنجو نه ڪو همسر آ،
چنگ‌شان(۲) جي چوٽين تي، هيءَ ڳالھ سون‌دوهرائي.
پيڙيءَ جو سفر توکي ياد آهه ڪه وسري ويو؟
تو ساڻ جا گذري سا هر هر گھڙي ياد آئي.

۱۹۶۶ع.

---

(۱) پيڪنگ جو 'پي هاءِ پارڪ'.
(۲) پيڪنگ جو 'چنگ شان پارڪ'.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاتيءَ ڪنيءَ (۱)

ڪاتيءَ ڪنيءَ اي ڪلي!
ڇا ڪي ڪٽئين؟
ڇا ڪي رڌئين؟
تو ڇا ڏٺو؟ ڪاتيءَ ۾ ڇڻو!
ماءُ جنهن تو کي ڄڻيو-
صد آفرين تنهن کي چوان،
چوڏهن بهارون تو ڏٺيون،
پندرهين خزان!
ڪاتيءَ ڪنيءَ!
خود آڏي تي سر رکي،
تو مرتبو حاصل ڪيو-
همت سندءِ کي آفرين،
چين جي اي سورمي-
شانشيءَ جي سر زمين،
ناز پل تو تي ڪري،
آزاديءَ جي پنکڙي،
ڪاتيءَ ڪنيءَ!
گل جهڙي نينگري،
نذر تنهنجي ڇا ڪريان؟
چند لڙڪ آهن، اي ادي!
ڪاتيءَ ڪنيءَ!

۱۹۶۶ع.

---

(۱) چين جي شانشي صوبي ۾ هيءَ سورمي 'ليوُخوُلان' تي گذري آهي. دشمن جي اڳيان نه جهڪي ۽ آن ڪري ڪيس ۱۲-۱-۱۹۴۷ع تي ڪات سان ڪُٺو ويو. آن وقت سندس عمر پندرهن سال هئي. چيئرمن مائو به ڪيس واکاڻيو آهي. هي نظم شانگهائيءَ ۾ سندس يادگار پتلي اڳيان ۱۹۶۶ع ۾ لکيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٺلن جو يادگار (۱)

هيءَ آڌي،
هيءَ آچايل ڪات!
هي ڦاسي گهاٽ!
ڪٺلن جي رت جا ڍڳا،
اِنهن رنگ لاتو-
چيانگ (۲) ظالم ۽ چتو بگهڙ-
ميان تائيوان مان،
تنهنجو جنازو،
نڪرڻو آهي.
تو انسان کي ڍڪرڻ وانگر ڪٺو،
ميان پا به زنجير،
ڪسندين تون ساڳي آڌيءَ تي.
ڪٺل تو کي ڪهندا-
۽ تنهنجو آقا، تو کي—
بچائي نہ سگهندو.

۱۹٦٦ع.

---

(۱) آزادي (۱۹۴۹ع) کان اڳ آن وقت جي راڄ ڌانيءَ نانڪنگ ۾ چيانگ ڪائي شيڪ، عوام کي بيدرديءَ سان ڪُٺو. آها آڌي مون آگست ۱۹٦٦ع ۾ ڏٺي. ڪٺلن ۾ گهڻو تعداد شاگردن، اديبن ۽ استادن جو آهي. آتي ميوزيم بہ آهي، جنهن ۾ ڪٺلن جي نالن جون فهرستون ۽ تصويرون وغيره بہ رکيل آهن.

(۲) چيانگ ڪائي شيڪ، جنهن کي عوامي حڪومت ۱۹۴۹ع ۾ هڪالي ڪڍيو ۽ تائيوان ٻيٽ ۾ آمريڪا جي ٽيڪ تي وڃي ويٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنھنجو غم:

رڳو پنھنجي دنيا جو غم ئي ھجي ھا ـ
ھجي ھا نہ چنڊ تي رسڻ جي ڪا خواھش.
رڳو پنھنجو غم ئي غم ليکجي ھا ـ
ٿجي ھا نہ ڪنھن جي غمن ۾ شريڪ.
رڳو پيٽ پنھنجي تي وجھجن ھا ڦيٽا ـ
ڪجي ھا نہ ڪنھن جي ڪڏھن ڀي مدد ـ
رڳو پنھنجي دنيا جو غم ڪونہ گھرجي،
نہجي ڀاڻ سان غم سڀن دوستن جو.

۱۹٦۷ع.

●●

ذوريڙو:

ھي ذوريڙو ـــ
جو وڻ تي چڙھي ۽ لھي ٿو،
ڇا ھين ڪي بہ ڪي غم ھوندا؟
ھن ڪي بہ، ستايو ھوندو ھم جنسن،
ھن تي بہ، ڪيا ڪنھن ستم ھوندا!

۱۹٦۷ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيڻي گڏي:

رات هوءَ چيني گُڏي—
منهنجي دنيا جي انڌيرن ۾،
ڄاڻ جا ويئي رکي روشن چراغ.

۱۹٦۷ع.

••

ويٽ نام:

سدا پيڙهجي پيو گهاٽي ۾ انسان،
نه ڳالهين مان ڪوبه ڳڙ تيل نڪتو.
هي انسان جيڪو ڪ آزاد آهي،
ڪنهن پاڻهو اِنهيءَ کي بنائي وڏو؟
فقط هوچي منهه وارو جذبو کپي،
ڏسو پـــوءِ ڇا تـــو ٿئي دوستو.

۱۹٦۸ع.

امن:

انسان جي عظمت اڳيان سر جهڪايون ٿا اسين.
اڄ نوان نغما نون سازن تي ڳايون ٿا اسين.
اڄ اسان وٽ آشتيءَ ۽ امن جو پيغام آهي،
ظلم جي پنجي کان هرهڪ کي بچايون ٿا اسين.
ڪون سهنداسين ڪڏهن انسان تي ظلم و ستم،
سچ جي راهن مٿان گل وڇايون ٿا اسين.
انسان تي انسان جو ظلم هلندو ڪيئنڪي،
ظلم جو نالو مٽيءَ ۾ اڄ ملايون ٿا اسين.

١٩٦٨ع.

●●

چنڊ ڇا سمجهي ڳالهه؟

ٻن جڻن وڻ مان ڇڄي،
آڏري وڃي، ڇپڄي وڃي-
تئن اسان جو حال وو.
تارن سوڌو چنڊ لهي ويو،
حال اسان جو ڪئين ٻڌي ويو-
چنڊ اسان جو حال ڇا ڄاڻي؟
چنڊ ڇا سمجهي ڳالهه؟

١٩٦٨ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿاريلي:

تون تہ آزاد آهين،
جتي تون گهرين تت وڃي ٿي سگهين-
نراليون نراليون تون ٻوليون ڪرين ٿي،
۽ ٻيرين جي ٿارين تي لوڏون لڏين ٿي،
ائين نظر مون کان تون ڇو ٿي بچائين؟
آءٌ ماري تہ ناهيان ـــ
آءٌ ماري تہ ناهيان ـــ
تون تہ آزاد آهين.

۱۹٦٨ع.

••

خوشبوءِ:

دريءَ مان اچي ٿي جا تازي هوا،
ڪٿي ٻاڻ مان ٻيو ڇا ٿي اچي-
جهرڪين جي چرچر،
۽ ڪوئل جي ڪوڪو-
چنبيلي گلاب،
۽ موتئي جي خوشبوءِ-
اها ذهن منهنجي جي آهي غذا،
اها ذهن منهنجي جي آهي غذا.

۱۹٦٨ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـتـت مـتـت مـنگ پيو:

ڪي ڪي ماڻهو من جا ڪوتا، شان رکن ٿا شاهي وو.
ليک به ڪوتا، پيک به ڪوتا، سڪڻي آڌ وڏائي وو.
اُبتا سُبتا نعرا چـــائن ، واه واه جـــا وسڪارا وو.
ڪوتا پستڪ، پوٿيون ڪوتيون، حاشيا ۽ واڌارا وو.
راتيان ڏينهان ٺاه ٺڳيءَ جا، ڪوڙي ڪن ڪمائي وو.
ڪي ڪي ماڻهو...

••

ڪي ڪي ماڻهو دل جا درياه، پوڙي جن پيائي وو.
سچ جو سودو آهي تن وٽ، ناهي ڪوڙ ڪچائي وو.
اول سڀ جو خير گهرن ٿا، ڪوڙ ڪپت ڪان آجا وو.
منهن تي ميٺ ميٺ ڪين سي چائن، سؤ تي سؤ سهاجها وو.
اهڙا ماڻهو مـن جـا موتي، عالـم منجهه آڇائي وو.
ڪي ڪي ماڻهو...

••

ڪي ڪي ماڻهو گپ جا ڪلا، تيل جي جهڙي مٺائي وو.
حال حقيقت، ڪفر ڪرامت، سُڌ رکن نه ڪائي وو.
سڪٽي ڪنيءَ وانگ آيامن، اهڙا ٺلها ٺاٺا وو.
کهڙو چٽجي حال تنين جو، بس گَڏه، پٽڻ ۽ ٻاٺا وو.
قدم قدم تي کيل تماشو، ساري خلق کيلائي وو.
ڪي ڪي ماڻهو...

١٩٦٨ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر الانا صاحب جي گرفتاريءَ تي:

تون جي ناهين تہ، گلن ۾ ڪانهي خوشبوءِ،
تون جي ناهين تہ، ناهي پيرهن ۾ رنگ.
تون جي ناهين تہ، ناهي ڪوئي همدم،
تون جي ناهين تہ خوشي چڻ ناهي-
تون هجين ها تہ، پريان ها بهارن ۾ رنگ.
تون هجين تہ بهارن کي وڃڻ ڪين ڏيان ها—

اپريل ۱۹۶۹ع.

●●

تشبيهون:

او ڏولا او ڏولا—
تنهنجي خاطر، وڻ ٻوٽي، چنڊ ۽ گل ۾—
تشبيهن جي ڳولا—
توکي آخر ڇا مان ڀيٽيان؟
چنڊ ۾ گل ۾، رنگ روپ ۾—
وڻ ٻوٽي، شاخ شاخ ۽ ول ۾—
تشبيهن جا ڀولا-
او ڏولا.

۱۹۷۰ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي سوڍيا:

او پيارا او پيارا! سنڌي سوڍيا وارا!
سنڌي گهٽن وارا، او سنڌي ويسن وارا!

پيارا ماڻهو سنڌ جا واسي، سنئين سينڌ جا مالڪ،
سنڌي چوٽين وارا او چوڙي ڦلن وارا!

عاج جو ماڻهو، چنڊ جي صورت، ڪير مکڻ جون مُرڪون،
ڀانڇيپن، ڇيرين، ڪڙين ۽ عاج جي ٻانهين وارا!

ڏند اوهان جا موتيءَ داڻا، اکڙيون هيري ڪڻيون،
جاڙن پروڙن وارا، او سنڌي نيڻن وارا!

واه جا ويس وڳا ڏکيو ٿا خوب ٺهو ٿا،
مونڙي سوسيءَ وارا، آلين ۽ ڪنمالن وارا!

لوڏ لکن جي، چهرو روشن، اکڙين ۾ چانڊوڪي،
ٻار کين ۽ منگلين وارا، ڪيرولن ۽ ورٽن وارا!

چني ٻانڊي، گربي انڊلٽ، گج لاڙائون سونهي،
جتيءَ تي ٺوٺر پشم جو، تو سونهن پاڳن وارا!

١٩٧١ع

امانت علي خان جي موت تي:

موت نہ توکي ميجيان ها هرگز،
جي سرن تي—
آڪارن تي—
آلاپن تي نہ اچين ها.
جي تانن تي—
۽ ميڊن جي مهراڻ تي نـــہ اچين ها.
جي گيت ۽ سنگيت نہ واپس کسين ها.
۽ غزل جا شعر نـــہ واپس وٺين ها—
تہ مـوت نـــہ توکي ميجيان هـا هرگز.

١٩٧٤ع.

رڻ جو واهي:

سُڃ جا سرتا، رُڃ جا راهي، رڻ جا واهي،
جيڏانهن وک وڌي ٿي تنهنجي، تيڏانهن آهي تباهي.
رڻ ۾ واڪا، ور واڪا، سُڃ ۾ آهن ٿانا،
تيڪَ درياءَ جي آهي اڳيان، پيڙو تنهنجو تواڻي.
— رڃ جا راهي!

••

جيڪي ڪنهن جا ڪين ڪي آهن، تنهنجا سي ڪيئن ٿيندا؟
رهندي ڪونه جواني دائم، جوين ڏينهن نہ ايندا،
جن جا سوز سانڊيو من ۾، ايئن وتين ويڳاڻو،
پڪ ڪري ڏس اهڙا ماڻهو سات نڀاهي نيندا؟
سُڃ جا سرتا!

••

ڪهڙي پريت ڪهڙا ماڻهو، اهڙا پيارا آهن؟
ڇاجي ڪارڻ اهڙا ماڻهو پريت ۾ نيارا آهن؟
اهڙا ماڻهو رڻ ۾ رولي، نيٺ ڇڏي ٿي ويندا،
تنهنجي پيڙي ميٻرَ تي آهي، دور ڪنارا آهن.
رڃ جا راهي!

پاڇن پنيان هلندي هلندي نيٺ تہ ٽڪجي پوندين،
دوکن پنيان هلندي هلندي نيٺ تہ ٽڪجي پوندين،
ڪوڙي آهي ڇانوَ ڪکر جي، من جا آهن وهم؛
وهمن پنيان هلندي هلندي نيٺ تہ ٽڪجي پوندين.
سچ جا سرتا!

••

سوني آءُ تون رُج جا راهي سوني آ،
سوني آءُ تون سَچ جا سرتا موني آ،
ڇو تو پنهنجو پاڻ انئين تون رڻ ۾ رولين!
سوني آءُ تون رڻ جا واهي سوني آ—
سچ جا سرتا سوني آءُ تون سوني آ.

۱۹۷۴ع

(نظم)

ترجما

عاج جهڙيون ٻانهون (١)

اَڄ رات ڦُوچو ۾ چانڊوڪيءَ ۾ —
هَوءَ جهاتيون پائيندي هوندي.
ٻار، گهري ننڊ ۾ هوندا،
۽ انهن کي پنهنجو پيءُ —
خواب ۾ نظر نه ايندو هوندو.
سرديءَ ۾ هُن جا ڪارا وار،
عاج جهڙيون ٻانهون-
ٺار ٺاري وڌيون هونديون-
ڪڏهن اسين گڏ ٿياسين؟
دريءَ وٽ گڏ ويهي،
چانڊوڪيءَ کي،
خشڪ اکين سان ڏسنداسين.

١٩٦٥ع.

---

(١) هي نظم چيني شاعر تُوفُو (٧١٢-٧٧٠ع) جو لکيل آهي. هُن جي سڄي عمر بک، بيروزگاري، سرديءَ ۽ حڪومت جي عملدارن جي ظلمن کي منهن ڏيندي گذري. هي نظم 'چانگ آن جيل' ۾ لکيائين، جڏهن سندس زال ۽ ٻار ڦُوچو ۾ هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌهنڌائيءَ ۾ هٿ (١)

تاڻيل پروڻن مان،
آءٌ انهن ماڻهن کي ڏڪاريان ٿو —
جيڪي سون کي ڌوهي نٿا ڄاڻن،
پر آن ٻار اڳيان —
نماڻي ڊگهي وانگر ڪنڌ جهڪايان ٿو.
جيڪو هٿ ڪان خالي آهي.

١٩٦٥ع.

••

سچ لڳي (٢)

سچ ڳاڙهي حلوائڻ ۾ پيو لڪي،
ڪي سهڻيون ڇوڪريون،
ڪان ڪڍن پيون،
ڪنوار جي رتام ڳلن ۾ —
ڇا پيو ڏسجي —
هوءَ جا پنهنجي محبوب جي ڀاڪر ۾،
سڪون حاصل ڪندي.

١٩٦٦ع.

---

(١) هي نظم چين جي مشهور ناول نگار، نقاد، افسانه نگار، شاعر ۽ انقلابي اديب لُوشن (١٨٨١-١٩٣٦ع) لکيو.

(٢) ڪومورو (ولادت ١٨٩٢ع) هن نظم جو خالق آهي. هُو چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو هڪ اهم ليڊر آهي. چين جي وڏن شاعرن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانگ شا (١)

هن تڏ ۾ —
آءٌ اڪيلو بيٺو آهيان،
۽ ڏسان پيو —
ندي وهندي پئي وڃي.
نارنگي رنگ جي پٽ ڪان اڳتي،
ڳاڙهي رنگ سان ڍڪيل،
ٽڪريون آهن.
هوا ۾ پکي ڦيرائيون پيا پائن،
مڇي پاڻيءَ ۾ —
۽ لکين جيوَ آسمانن هيٺ،
آزاديءَ لاءِ پيا پاڻ پتوڙين.
آءٌ عظيم ڌرتيءَ ۽ نيري آسمان کان
پڇان ٿو —
قدرت جا ڌڻي ڪير آهن؟ فقط اسين.

١٩٦٦ع.

---

(١) هي نظم چيئرمن مائوزي تنگ جو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندي دوها:

نيڻهن سڳو، سوئي سڳو، رت سڳو هٿ ناهه،
ماءُ ويٺي زال جلي، اچرج جڳ کي آهه.

••

پانهن ڇڏايو تو وڃين، نبل ڄاڻي مون،
دل منجهان ويندين جڏهن، مرد پوءِ ڄاڻبين تون.

••

چمپا تو ۾ ٽي گڻ، واس، روپ ۽ رنگ،
اوگڻ تو ۾ ايترو، ڀؤنر نه رکئي سنگ.

••

هلڻو آهه رهڻو ناهي، هلڻو آخرڪار،
'سهڄو' پڙي سهاڳ تي، ڇو ويڙهائين وار.

درياهَ پار نئي ڇوڪر ڪڏي

هيرو:
تون باغن ۾ تون بهارن ۾،
تون گلن قلن گلزارن ۾،
تون ڪلين جي رخسارن ۾،
تون لهرن ۾ تون ڪنارن ۾،
تون شعلن ۾ تون شرارن ۾،
تون آهين مست نظارن ۾،
تنهنجي جلوي مان ورتم جهولي ڀري-
سيان ڪير جئي ۽ ڪير مري،
هن راه تي ڪلندا ڪڏنداسين،
وري درياهَ پر تي ملنداسين،
۽ گهمڻ به گڏجي هلنداسين،
پوءِ حال اندر جو سلنداسين،
منهنجي راه به تون منزل به تون،
آسان ڪنديئن مشڪل به تون.

هيروئن:
آءٌ امان کي اڄ ئي چوان ٿي وڃي،
گهراونڌي ڪنڌ آءٌ پوان ٿي وڃي،
ڪريان شاديءَ جوئي بيان ٿي وڃي،
بس تنهنجو ئي نالو وٺان ٿي وڃي،
آءٌ خوشيءَ مان ڇيچ لڏايان ٿي-
نچي گام مان لـت آڏايان ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيرو: تنهنجي زلف جي پيچ بيتاب ڪيو،
تنهنجي پرسنالٽيءَ هٿي ڪباب ڪيو،
مون ڦٽو سمورو نصاب ڪيو،
۽ پنهنجي دل ۾ هي حساب ڪيو،
ته مار نه ڪائي اچين تون گهران-
ڪري ذڪر منهنجو پڙهين منهنجا لاءِ.

هيرو: هي بينڊ ۽ باجا پڌين ٿي تون؟
ڄ ڪهڙي سبب نه ڪڇين ٿي تون؟
۽ پيار بابت نه چوين ٿي تون؟
مونکي ننڊ نه آهه ۽ سمهين ٿي تون!
ٿيو شڪر اسان جي شادي ٿي-
پڻ خوب خوشيءَ جي منادي ٿي.

راوي: واه واه ڪهڙي شادي ٿي!!
رڳو ملڪ سڄي ۾ منادي ٿي،
پهرين بيٺي ڪنوار فسادي ٿي،
پيو جهيڙو گهر ۾ تعدي ٿي،
وڃي جنگ وڌي ۽ ٿيا ٻئي بيزار-
نڪي گهنڊائي گهوٽ ۾ نڪا ڪمي منجهه ڪنوار.

ڪنوار: هو درياءَ پر تي رهاڻيون ٿيون،
رهاڻيون جيڪي ڪهاڻيون ٿيون،
مي خوشيون نه مونکان ماڻيون ٿيون،
اڄ منهنجيون ڪيون نماڻيون ٿيون،
تنهنجي رمز مون چاتي هاڻ سڄڻ-
توکي پيار نه هو مون ساڻ سڄڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھوٽ: پاڻهي مونکي سڏڻ توکي ياد هوندو،
منهنجو روز ملڻ توکي ياد هوندو،
آهي ناز ڪرڻ توکي ياد هوندو،
وري وقت ڏيڻ توکي ياد هوندو،
توکي ياد هوندو منهنجو روز اچڻ-
توکي ياد هوندو در جو کڙڪڻ.
تو شادي ڪري احسان ڪيو!
منهنجي پگهار کي سگريٽ پان ڪيو،
تو گهر کي ڪپڙي جو دڪان ڪيو،
هر نئين ڊزائين جو فرمان ڪيو،
تنهنجا حڪم سمورا مڃيندو رهيس-
پاڻهي پاڻ تباه آءٌ ٿيندو رهيس.

ڪنوار: منهنجي فرمائشن ڪان ننائين تو،
هيئن هرهر دل چو دکائين تو؟
منهنجي من ۾ باهه لڳائين تو،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ رسائين تو،
نه پاڻ ڪڏهن پرچائين تو!
ڪٿي صاف پڌائي چا چاهين تو؟
هيئن هرهر مون کي چڙب نه ڏي-
تنهنجي دعوي تو پيارا ڪير ڪري!

کھوٽ: تنهنجو شهر ڇڏي هليا ويندا سين،
ڪڏهن ياد گهٽو ته نه ايندا سين،
تنهنجي منهن مقابل نه ٿيندا سين،
پرڏيهه ڏينهن ڪٽيندا سين،
تنهنجو ڏيهه ڇڏي پرڏيهه وڃان-
تنهنجون ڪهڙيون ڪهڙيون گهرون مڃان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ نيٺ تہ توں پڇتائينديئين،
پيئي پنڌ منهنجا پڇائينديئين،
پيئي ڪانگ ڪبوتر اُڏائينديئين،
روئي پنهنجو من پرچائينديئن،
پيئي پنهنجو پاڻ کي ڪائج تون -
۽ قسمت کان سپ پائنج تون.

ڪنوار: پهرين پريت جو پيچ پئہ پاتو تو،
ڪيو منهنجو من پلاتو تو،
جڏهن پيار ۾ ڏنو مون کي آنو تو،
تڏهن تورڻ گهريو وري ناتو تو،
منهنجو قدر نہ پيارا سڃاتو تو،
پنهنجو پاڻ کي سپ ڪجهہ ڄاتو تو،
اڄ مون مان وڏون ڪيڏين ٿو تون -
ڪڏهن پيار مان ڪونہ سڏين ٿو تون،
تو رنجايو گهڻو آه منهنجو من،
توکي ڪهڙيون ڏائٽيون فون ٿيون ڪن؟
آهي ڏائٽيون ڏيهہ جون سپ من،
اِهي فونون پڌي منهنجا ڪن ٿا ڪڙهن،
رکو ڪوڙ ڪري ٿو پور ڪرين -
ڪڏهن گهمڻ لاءِ ڪونہ ٿو زور پرين.

گهوٽ: اِئين فون جي ڪال تي مڙي نہ وڃ،
تون ڳالهہ ڳالهہ تي مڙي نہ وڃ،
رکو پنهنجي خيال تي سڙي نہ وڃ،
پرائي اشتعال تي سڙي نہ وڃ،
هن سخت سال تي مڙي نہ وڃ -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي هيٺي حال تي سڙي نه وڃ.
توکي ٻالهه ٻالم تي ٻڙڻ ٿو وڻي،
۽ گلم تي ڪچرو ڪرڻ ٿو وڻي،
توکي ڏونگي ڪان ٻه ٻرڻ ٿو وڻي،
تنهنجون ٻالهيون ٻڌي مون کي مرڻ ٿو وڻي،
توکي لاڏ گهڻي بيپرواه ڪيو-
مون کي ماڻهين ٻڌهين تباهه ڪيو.

ڪنوار: منهنجا مائٽ ميٽ ڪُواريا تو،
تو وعدا ڪيا سي نه پاريا تو،
مون کي سبزباغ ڏيکاريا تو،
هت ڪهڙا ڪمي ٻيهاريا تو؟
تنهنجا نوڪر چاڪر ڪٿ آهن؟
۽ گاڏيون موٽر ڪيٿ آهن؟
مون کي شاديءَ کانپوءِ لفٽ ڏين ٿو ڪٿي؟
منهنجون فرمائشون ٻڌين ٿو ڪٿي؟
هاڻي گهر ۾ گهڻو تون رهين ٿو ڪٿي؟
وڃي راتيون ٻاهر رلين ٿو ڪٿي،
مون کي گهر ۾ اڪيلي ڇڏيندو نه ڪر-
اهڙا طعنا ٻه مون کي ڏيندو نه ڪر.

گهوٽ: منهنجي گهڻ کي تون رلڻ ٿي چوين،
الائي ڇا کي تون ڏڃڻ ٿي چوين؟
منهنجي پيار کي تون وڙهڻ ٿي چوين،
منهنجي اڇڻ کي تون وڃڻ ٿي چوين،
تنهنجي قولن قسمن جو خير هجي-
تن سينڌ جي وارن جو خير هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنوار: مون کي اکين ۾ ڇو تون وهارين نٿو؟
وري واري ڇپر ڇو وارين نٿو؟
مون کي ڳالهين سان تون ڏتاري نٿو،
ڪڏهن پيار سان مونڏي نهارين نٿو،
ڪيئن نهائين ڪان نينهن آءٌ سڪان.
۽ پاهر پاڻ ڪيئن نه ڪيان!
پنهنجو گهر سنڀال آءٌ اها ٿي وڃان،
منهنجي ڪجه نه مقال آءٌ اها ٿي وڃان،
مون کي لڪج نه حال آءٌ اها ٿي وڃان،
منهنجو مونکي محال آءٌ اها ٿي وڃان،
مون کي تنهنجي گهر مان ڪجهه نه مريو،
هاڻي وڃان ٿي ويڙهيچن ذي وريو.

گهوٽ: وڃي گهر وارن کي سلام چئج،
پيئر پائرن کي سلام چئج،
پنهنجن پيارن کي سلام چئج،
۽ ننڍڙن پارن کي سلام چئج،
منهنجو لوافيئر اجايو ٿيو-
سڀ خرچ پکو اجي ڪنڌ ۾ پيو.

١٩٦٣ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متفرقو

ڊوڳاڻو:

مڙس ـ دنيا جي ڏکن دردن، رت منهنجو ملکايو آ،
هل چنبڙ تني آڏيون گهرڙو هت جيئڻ آجايو آ.

زال ـــ ڪيسو ته اٿئي خالي، ڳالهيون ٿو ڪرين وڏيون،
ڪجهه هوش جون ڳالهيون ڪر، ڇو مرتو ڪپايو آ.

مڙس ـ هيت آن ٻه مهانگو آ، ڪپڙو ٻـــ مهانگو آ،
هڪ قرض جي بيماري، ٻيو ويـــاج سوايو آ.

زال ـــ رڪشا ۾ نه چڙ هنديسانءِ، وچ ڪار وٺي آ تون،
مڙس ـ مشڪل سان مون بشنيءَ کان ڪيسو هي بچايو آ.

١٩٧٢ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽلاڏيون:

قرار گهرجن تــا قرار گهرجن تــا،
اوهان کي گهرجن تيون پيار جون ڪالهيون-
اسان کي پيارن جــا پيار گهرجن تا.

••

تو ڪر ۾ ساري جهان کي رکيو سين،
ڇپائون تـــ، آهي هي رنگين جهان-
در در تـــي سجدو ڪري پـــڻ ڏٺو سين.

١٩٧١ع.

••

قطعو:

جبو ۽ جگو ۽ دستار بـــ، چگي،
اي واعظ تنهنجي گفتار بـ، چگي.
مفت جـــي ماني کائين ويٺو-
بيڪار ڪان آهـ، بيگار بـ، چگي.

١٩٦٧ع.

شعر:

تون سڏين ۽ اسين اچيو پهچون،
گهرون نــــ زر ٿا نڪي ناڻو ٿا.

١٩٦٧ع.

●●

هر ٻري ٽلندي وتي، چنگ شان جي چوٽين مٿي،
ڇو نـٿي آڏري وڃي، ڇو نـٿي آڏري وڃي؟

١٩٦٥ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائڪا

هڪڙو ئي ڏيو آهي،
منهنجي هن دنيا ۾-
آن ري ٻيو رکيو ڇا هي.

••

هو سمو کهڙو عجيب،
هُوءَ ساه ڪان ويجهي هئي-
۽ ستل منهنجو نصيب.

••

هل پاڻ رهون گڏجي،
چغلين ۽ گلائن ڪان-
آ چئين هلون گڏجي.

••

منهنجي تون نٿي ٿين ڇو؟
ڳالهيون ٿي ڪرين وڏيون-
تصوير نٿي ڏين ڇو؟

••

آپ ۾ ناهي سو،
منهنجو آهو ڇنڊ-
ڌرتيءَ تي جيڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو خواب ڏٺو هوندر،
ڪجهہ ياد نہ آ مون کي-
چنڊ کي ٻہ چميو هوندم.

●●

ڇاتي ڇيري ڪپ هٽي،
دل اندر ويهي رهي-
لنڊيءَ وانگر چپ هٽي.

●●

هڪڙي آس نراس،
منهنجي من ۾ ٻئي آهي-
توڙي ٿئي نہ راس.

●●

ڏس اچي اڙينگ،
منهنجو ساهہ سُوراتي ويو-
زر جو ويري ڏنگ.

●●

ن لاءِ لنويو ڪانگ،
ڪارا ڪارا وار جنهن جا-
جهڙا ڪارا نانگ.

●●

چڙ ڏات رنو ويٺي،
ڇؤواڻي تي هڪ ماڻهو-
ڪلهہ رات رنو ويٺي.

●●

هيءَ ڪهڙي وفا آهي؟
اکڙين ۾ محبت ٿي -
دلڙين ۾ دغا آهي.

مهراڻ جي چولين ۾،
ائين پيار لڪل منهنجو-
جئن ماءُ جي لولين ۾.

••

ائين وار نه ويڙهي ڇڏ،
اڄ منهنجي ٻانهن تي-
اڄ زلف ٻکيڙي ڇڏ.

••

هيءَ رات نه گذري ها،
جي وار نه ويڙهين ها-
ته چنڊ نه نڪري ها.

••

چنڊ ۾ پئي نهاريو مون،
تارا پئي ڪليا مون سان-
چنڊ کي پئي ڏتاريو مون.

••

هيءَ چانڊوڪي رات،
آءِ ۾ ائين آ چنڊ-
سيني ۾ چرُ ڪات.

••

ڪاري ڪاري رات،
چهرو تنهنجو چنڊ-
نيڻن ۾ سوغات.

••

منهنجو ڪونهي ڏوهه،
تارن هو روڪيو مشڪي-
چنڊ ڪيو ڪو ڏوهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا الائي ڇڄي وئي آهي؟
پنهنجي مُٺ ۾ گلاب کي مهٽي-
منهنجي هٿ ۾ ڏئي وئي آهي.

●●

ساونڻ آندا سُورَ،
جيڪو آهي دل کي ويجهو-
اکڙين کان سو دور.

●●

آهوئي ساه آهو ماڻهون،
ڪپي ويو آهہ حُسن-
وڏي ويو آ دونهن.

●●

ماڻهو گهٽائي خام-
ڪي ڪي منجهن ڇگيرڙا-
پيا مڙئي بدنام.

●●

دنيا آهي ڏوڙ.
ذرڙو جنهن ۾ سچ جو-
گهٽو آهي ڪوڙ.

●●

ڪاش ڪري ڪو ڪوٽ،
آءُ وڃي هيڪر ڏسان-
وائي ڪنگ پنهنجو ڳوٺ.

●●

ڳوٺ آهو وائي ڪَنگ،
جنهن ۾ پڻ هڪڙي پري-
جهڙي پوڙي جهڙي ڪنگ.

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book